SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1995

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1995

سرڪاري زمينن جي نوآبادڪاري (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1995

SINDH COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1912جي پنجاب ايڪٽ Vجي دفعه 17 جي ترميم.
Amendment of Section 17 of Punjab Act V of 1912

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1995
SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1995
سرڪاري زمينن جي نوآبادڪاري (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1995
SINDH COLONIZATION OF GOVERNMENT LANDS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1995

[10ڊسمبر 1995]

آرڊيننس جنهن ذريعي سرڪاري زمينن جي نوآبادڪاري ايڪٽ، 1912 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سرڪاري زمينن جي نوآبادڪاري ايڪٽ،1912 ۾ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي جيڪا هن ريت هوندي.

هن کي هن ريت عمل ۾ آندوويندو.

جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي هن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سرڪاري زمينن جي نوآبادڪاري (سنڌ ترميم) آرڊيننس 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1912جي پنجاب ايڪٽ Vجي دفعہ 17 جي ترميم.
Amendment of Section 17 of Punjab Act V of 1912

2. سرڪاري زمينن جي نوآبادڪاري ايڪٽ، 1912 جي دفعہ 17 ۾، لفظ"ڪنهن ٻئي زمين جي لاءِ"نجي زمين جي علاوه ڪنهن به زمين سان گڏ" کي متبادل سمجهيو ويندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.